# مهراڻ

ٽماهي

جنوري
فيبروري ۽
مارچ
1979ع

وحدهُ لاشريڪ لهُ، جانْ تُو چئِين ايئن
تان مڃ محمّدُ ڪارڻي، نِرتون منجهان نيهن
تان تون وڃيو ڪيئن، نائين سِرُ ٻِئن کي
ـــ شاهه



Gul Hayat Institute

سِنڌِي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

**۲۴- رسول ڪريم عليه‌الصلوٰة والتسليم:** تاليف علي محمد راهو.

سيرت تي سنڌيءَ ۾ هيءُ ڪتاب رابطه عالم‌اسلام مڪي لاءِ لکيو ويو آهي. ڪتاب جو انتساب شاهه خالد بن عبدالعزيز جي اسم گراميءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي. تاليف جي تاريخ ۲۲ نومبر ۱۹۷۶ع آهي. شروع ۾ عربي قصيدا ۽ انهن جو سولي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڏنو ويو آهي. ان کان پوءِ تمهيد، عظمت، اسوهٔ حسنه، ابتداء آفرينش جا عنوان رکي آدم عليه‌السلام کان ابتدا ڪئي وئي آهي. سيرت جو هي پهريون جلد آهي، ان ڪري حضورﷺ جي حالات تي مڪي زندگيءَ جو احوال آيل آهي، صفحا ۳۲۳، حوالا به گڏوگڏ ڏنا ويا آهن، ٻولي به عمدي استعمال ڪئي وئي آهي، ڪاغذ ۽ ڇپائي جي خيال کان اڄ تائين سنڌي ديني ادب ۾ اهڙو ڪتاب نه ڇپيو آهي، سائيز ۲۰×۳۰/۸ انس. مؤلف هن ڪتاب لکڻ تي وڏي جس لهڻي.

**۲۵- سيرت طيبه:** حرم کان حرم تائين، مؤلف پروفيسر ڪريم‌بخش نظاماڻي، ناشر سنڌ اسلامڪ پبليڪيشن حيدرآباد.

سيرت جو سنڌيءَ ۾ هي ڪتاب آفسٽ سول اينڊ ملٽري گزيٽ ڪراچيءَ ۾ تازو ڇپائي حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو ويو آهي. ڪتاب ۲۷۰ ڊيمي سائيز صفحن تي مشتمل آهي، آفسيٽ جي ڪتابت ڪرائي ڇپايو ويو آهي. هن ۾ رڳو مڪي زندگيءَ جو مفصل احوال ڏنل آهي ۽ حضور عليه الصلاة والسلام جو احوال قبا ۾ پهچڻ تائين ڏنو ويو آهي، ان لحاظ سان هيءُ پهريون جلد آهي.

نظاماڻي صاحب تقرير جي مهارت سان گڏ تحرير جو به ماهر نظر اچي ٿو، ڪتاب عقيدت سان لکيو ويو آهي.

---

Gul Hayat Institute

# نعت

## علامه قاضي اسدالله شاهہ "فدا" ٽکڙائي

●

ڪير فخر المرسلين ٻيو ماسواءِ مصطفيٰ،
ڪير روزِ حشر، شافع ٿيو، وراءِ مصطفيٰ.

ڪنهن کي ٿيو قرب خدا اهڙو سواءِ مصطفيٰ،
عرش فرشِ مصطفيٰ، قوسين جاءِ مصطفيٰ.

ڪنهن کي ٿي مهرِ نبوت ماسواءِ مصطفيٰ،
ڪير ٿيو ختمِ رسالت ماوراءِ مصطفيٰ.

ذي مون کي دارين ۾ يارب براءِ مصطفيٰ،
ذوق عشقِ مصطفيٰ، شوقِ لقاءِ مصطفيٰ.

●

شوق منهنجو آهہ هر هر يا شفيع المذنبين،
ٿي رهي دل منهنجي مضطر يا شفيع المذنبين.

ڪيف لقاب از روءِ انور يا شفيع المذنبين،
ديدهٔ دل کر منوّر يا شفيع المذنبين.

تشنهٔ ديدار کي سيراب کر بحرِ خدا،
مالکِ تسنيم و کوثر يا شفيع المذنبين.

اور تنهنجي مان سين کي ٿي عطا جلوه گري،
واه تون خورشيد انور يا شفيع المذنبين.

جادهٔ ايمان تي منهنجو خاتمو ٿئي خير سان،
منهنجا هادي، منهنجا رهبر يا شفيع المذنبين.

Gul Hayat Institute

# سعيد ٽڪڙائي

## نعت*

•

ٻشر ڪان ڪيئن پُڄي سگهندي ثنائي سرورِ عالم،
خدا خود ٿو رهي مدحت سرائي سرورِ عالم.

لکين دليا الدر ٿيا انبيا ۽ اوليا هادي،
مگر هڪڙو ٻه ناهي ڪو ٻجائي سرورِ عالم.

شبِ معراج ۾ مولا گهرائي مير مرسل کي،
ڏنو رب عرش اعليٰ تي اقائي سرورِ عالم.

نه ان کي غم قيامت جو نه خطرو خوف دوزخ جو،
رهي جو جان ۽ دل سان فدائي سرورِ عالم.

سڪايل سعيد جي شام و سحر هي التجا آهي،
سگهو مون کي مديني ڏي سڏائي سرورِ عالم.

---

*سعيد ٽڪڙائيءَ کي هڪ ڀيرو حج تي وڃڻ لاءِ سنيڙايو ويو، پر عين وقت تي سندس ٻڌران ٻئي ڪنهن کي پٺي ڀار ڪيو ويو ۽ تڏهن ئي سعيد جي الدر ۾، حضور نبي ڪريم صلي الله عليه و آله وسلم جن جي سڪ ۽ آڪير جو سمونڊ ڇلي پيو ۽ هن پنهنجي بهترين نعت چئي. سعيد جي ڪلام ۾ نعتيه شاعريءَ جو ٻيچ حصو آهي. —ادارو

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو علمي ۽ ادبي دستاويز

جلد 28] [نمبر 1

جنوري، فيبروري ۽ مارچ

1979ع


•


ايڊيٽر: امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر: ظفرحسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر: پريو "ناشاد"




Gul Hayat Institute


## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيوڪئمپس، ڄامشورو سنڌ.

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

---

قيمت في پرچو 00-6 رپيا سالياني چندو 00-20 رپيا

# مير علي نواز خان ”ناز“

## جي هڪ اڻ ڇپيل ڪافي*

ڇهل ويو تون پرديس ڪاڻ اديون،
جنهن لاءِ سڪي ٿو ساهه اديون.

روئي روئي راهون نهاريان،
ڪيو تو اڳهين ڪونه ڳناهه اديون.

جيڏيون سرتيون دعا هي ڪيو،
رهجي اچي شل ٻانهه اديون.

ناز سان دلبر خوش رهه پيارا،
ٿئي ملڻ جو ڪو چٽسن چاهه اديون.

Gul Hayat Institute

* راقم‌الحروف کي سرائي امداد علي خان سهاڳ مرحوم مير علي نواز خان ناز جي توشاخاني وارو بياض عطا ڪيو. ان ۾ مير صاحب جي اردو ڪلام کان سواءِ سنڌ جي مختلف شاعرن جون ڪافيون ۽ غزل به آهن.

مٿين ڪافي آن بياض مان نقل ڪئي ويئي آهي. سرائي امداد علي خان، مير صاحب جو توشڪي هوندو هو.
— پروفيسر عطا محمد حامي

محمد خان "غني"

# ڪافي

ري واڙهيچن وهلور —
لڙڪ لڪين هت هاريو ٿي هاريان.

ڪٿي ڪوهه تان عمر تو آندي، پيڙ ڪرين ڇو بنڌ ۾ ٻانڌي،
ايڏو ڪر نه ڪلور — پاڻ مٺي هت ماريو ٿي ماريان.

ٻاهر ۾ مون ڀرت جا ٻاتي، تات رکي سا تن ۾ تاتي،
اينهن ڪيم قصور — ڏيل ڏکن ۾ ڏاريو ٿي ڏاريان.

ڪلف ڪڙا ۽ ڪوٽ زنجيرون، دهشت دڙڪا ٻار ڀيرون،
مون ڪي مي منظور — قول ڪيم سي پاريو ٿي پاريان،

ماريم مانگ ۽ مانگي مرتيون، وره ويچاريون سنهنجي ورتيون،
ڏيهي ڏکيءَ جا ڏور — کهڙيون کهنگهر ۾ گهاريو ٿي گهاريان.

سند مينهن جي موٽي آئي، ٻادل ٻرمي رم جهم لائي،
ٿيون تار ترايون تور — ڳنيءَ ۾ جيءُ ڳاريو ٿي ڳاريان.

اند ليس آءٌ عمر اباڻن، ڀٽيس پنهنجي وڳر وٽاڻن،
سالڪين پهچي لاٿم سور — ولر وراٽي واريو ٿي واريان.

هليس ڇيلن چالڪون ڪاهي، ساڳ سڙهي ۾ سال ورائي،
جو ڏرينٿون سندم دستور — چاهه منجهاروُن چاريو ٿي چاريان.

لوڌي اهاڻي ڪيئن لڇايان، پت "غني" مان ڪيئن هت پايان،
سٽڻ "محمد" جو مذڪور — پارڻ ۾ سي پاريو ٿي پاريان.



Gul Hayat Institute

اهي تعظيم جي لائق قبيلو سارئي تنهنجو،
لکڻ توتي کپي، تنهنجي پنوهارن تي لکڻ گهرجي.
پڳسيون، پيرون، پلر پي ديس جا هين آبرو وارا،
للر تي پي لکڻ گهرجي، ليارن تي لکڻ گهرجي.

## بلبل کورواهي

### غزل

کيڏا سانول سيڻڙا آهن،
هٿ کيرا تي پيڻڙا آهن.
جوڀن جا هي ڏينهن ته لاهن،
اوسيڻڙا اوسيڻڙا آهن.
کنهن جو پير کهي ويو آهي،
کڙڪي کڙڪي لسڻڙا آهن.
هلندي هلندي هرکيو هم نديڻ،
پير چمي چو پيڻڙا آهن.
جهڪوئي اس جهوري وجهندو،
جهانگيائين جا جيڻڙا آهن.
پاڻ سان پاڻ ۾ کڏندا ناهن،
ويچارا جوڳيڻڙا آهن.

## عابد مظهر

### غزل

هرهر پيو تڙپائين تو تون ڪالهه ڏسين ڪا ويل،
نسري پئي پيڙ پروڪي، کهايل آهيون هيل،
من جا ميرا ٻاهر تن تي، ڪن ٿا هار سينگار،
من جي آجرن ماڻهن ڪارڻ، کهڙا تيل ڦليل.
سڌ جا پيالا پيتم پئي ٻر تو نه ڏنو جو ساٿ،
تڏهن ته تنهنجي محفل مان مَن، موٽيس آءُ سويل.
ڏينهن ڏکن جو مس تو ڪاٽيان سيج لهي تو جيئن،
ياد اچي ٿي ويتر گهاٽڻ تنهنجي سالجهوءَ ويل.



Gul Hayat Institute

## ادل سومرو

### پاڙون

ڪنڌيءَ تي بيٺل هڪڙو وڻ
جنهن جو نينهن لڏيءَ سان هو
واءُ ۾ وڻ جي لام اڏري ٿيي
لڙي نديءَ جا چپَ چُميا ٿي
هڪ ڏينهن وڻ جي
دل ٿي چاهي
لڏيءَ جي من ۾
جهاتي پائي
ڏسي ته چاهي
آس انهيءَ ۾ لمي پور هو
سڪ سموري سيني سانڍي
لهر لهر ۾ لڙهي ويو هو
اڄ سان هڪڙو
سڄ ۾ آڀريل ٻوٽو آهيان
جڏهن جڏهن پيي واءُ لڳي ٿي
منهنجا ڪومل چيڙا
سُڪل ٽوٽ ڌرتيءَ سان
وڃي لڳن ٿا
ڌرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي
منهنجي پيار جون پاڙون آن ۾
پختيون آهن
جيڪي ڪڏهن به
ٽُٽنيون ناهن.

## ج.ع. منگهاڻي

### سُرهي سوچ

من ماگل
ٿيو وياڪل.
نيڻ لماڻا،
ٿيا جلٿل.
سُڃي ساري،
من محفل.
ڍلڪرن اتڪيو،
رئو ململ.
ڪاتيل پنهنجو،
هرهڪ پل.
سوچ ساماڻي،
اڱيان هل.
وڪ سان چمڪي،
ائي پايل.
ککرن کهڙي،
سوچَ ۽ جهلَ
برسي پوندا،
هي بادل.
راهون جرڪيون،
جهلمل جهل.
الجهيون تريون،
موتين تل.
آءُ منگهاڻي،
موتي مل.



Gul Hayat Institute

## فن جي قيمت

فنڪارن جي سوچ جي قيمت واريءَ جي لپ، بازر ۾
ساليڊي رکجا ڪاڳر ۾.

ڳوڙها وسندا، ٻوڏيون اينديون، بي موسمي برسات اها،
وستي وستي، وک وک تي پٿي روئاريندي تات اها،
آس اتم جو صدين ڪان پوءِ سانت تہ ايندي ساگر ۾،
لک اميدون ڏاتر ۾.

روح اڪيلو جهرجهنگ رلندو لوچي لهندو ماڳ الا،
ويچارا جي ووڙيندا هٿ ايندو نيٺ تہ ڀاڳ الا،
سڪ پرين ڪي ملندي آهي سرڪ سوائي ساغر ۾،
داد هجي جي دلبر ۾.

جيٺري بروهي ”جوهر“ ڏوهي چوڪ مٿي سنگسار ٿيو،
موت پڄاڻان ڪاوڙ کهڙي تهندي ڪجهہ ويچار ڪيو.
رت شهيد جو ميڙي، چولڊي، سانڍي رکجو ڪهاڪهر ۾،
لاش لڪائي چادر ۾.

# منظور مشوري

## ورلاپ

هرهر هور هُري ٿو سن ۾، چوريءَ ڇهنڊيون پائي،
هلڪا هلڪا جهلڪا ڏئي ٿو، هردي ڪي هرڪائي.

ڪچي ننڊ منجهان منهنجو سن، جاڳي جڳ جاڳائي،
نيڊڙن ٻارن والڪر ويٺو، ڏُسڪي نير وهائي.

پل پل پور ڏئي تڙپائي، کهڙي کهڙي تي کهائي،
جاڳي جاڳي اڪٺ لڳي جي، سپنو ننڊ ڦٽائي،

سِڪ جو سُرندو جذهن سُري ٿو، سُرسُر سور سٽائي،
لفظ لفظ ۾ لڙڪن لارون، گهايل گيت ٻڌائي.

منهن مونن ۾ ڏهڻي ڏُسڪان، ڪير نٿو پرچائي،
ٿو ريءَ منهنجي سِر جا ساجن! ڪير ڀلا سرچائي!

## گل هيبسباڻي

### غزل

هِڏڪي هِڏڪي ٽَڪي ٻيو هانءُ
ڇو ٿا اِهڙو ساريو سائين!

ڪاڏيءَ هينئان هٽڙا ڏيئي،
ڇو ٿا مون کي تاريو سائين!

آتر اوتَ ڏئي سَرَ لِسريا،
وعدا پنهنجا پاريو سائين!

پار ته ناهيان پرچي پوندس،
هر هر پيا ٿا تاريو سائين!

### نظم

رات نه آهي، ڏوهاري!
ڏينهن ڏني جو
ڪمرن اندر
ڇا پيو ٿئي!
ڏسين ڪونه ٿو؟
ٻُڌين ڪونه ٿو؟
انڌو آهين؟
ٻوڙو آهين؟
رات نه آهي، ڏوهاري!

## اطهر قريشي

### غزل

مان پِي پاڳل ٿيجي ويو هان،
تون سامهون ۽ تنهنجي ڳولا!

هٿ ۾ هٿ ۽ پوءِ به دوري،
ڪيڏي قربت! ڪيڏا ويڇا!

وسندا بادل، ترس کهڙي پل،
آءُ آکيون هڪيئي جا ڳوڙها،

ڪوري تنهنجو لالو ڇا هي؟
من مندر ۾ ڪنهنجي پوڄا!

مان پِي پاڳل، تون پِي پاڳل،
عشق ۾ اوچا سڀ جا رُتبا!

آءُ ته ”اطهر“ عشق ڪريون ڪو،
رهندي دليا، رهندا قصا!

## عذرا جبين ميمڻ

### ڪاش!

هٿ جا ڪوڙا ڏاڍا ٿوڙي، توکي ڀرين ڀڪاريان ها،
جيون جي هر موڙ تي پيارا، تو سان گڏ گذاريان ها.
مڙهيل ٻيڙا ڦاهيءَ چاڙهي، سور سمورا ساريان ها،
سنگ ۾ تنهنجي سهڻا سائين، چند گهڙيون مان گهاريان ها.
جيڪي تو سان قول ڪيا مون، سڀ سچ ۾ سي پاريان ها،
هر هر تنهنجو درشن پائي، اکڙيون پنهنجون ٺاريان ها.
تنهنجا مٺڙا ٻول ٻڌي سان، پنهنجا ڏک وساريان ها،
لڙڪن جي هن ڪَنَ منجهاران، پيڙي دل جي تاريان ها.
هوءِ به کهڙو داد ملي ها، ڏونگر جي سان ڏاريان ها،
عذرا حاصل ڪجهه نه ٿئي ها، سچ به ڪٿي جي آياريان ها!

●

## فيض الله

### غزل

لڙيءَ رات تنهنجا سُڏڪا
سنائي ڪي نوڙي ويا
ڏينهن رات ڳهي ٻيو جيون
کهتيءَ کهتيءَ هوڪا واڪا
ڇڇريل آپ آ چنڊ ٻنا
سارا تارا چڻ ٽاڪا
ون ۾ قاتل جيئن لغڙ
جيئڻ ڏوري ٿي ڪاٽا

## زيب پنهور

### نظم

اونداهيءَ ۾
روشنيءَ جي ڏِس ڏيکاري
تون پائل، تون جهنڪار
تنهنجي ڇير ۾
جنم جنم جي پيڙ-پڪار
تون ئي آهين سُر سنگيت
گلابي گيت
من جو ميت!

## سرڪش سنڌي

### ريٽي سوچ

آمنگ دل جي ڏري پئي آ، ڪُسي ڦٽڏي تي مري پئي آ.
ڪُڇون پلا ڪيئن لُڇون پلا ڪيئن، زبان رت سان ڀري پئي آ.

جهڪُي امان جي ڪکن ٻنن جي، نظر انهيءَ ۾ ٻه دشمنن جي،
لِڪي لِڪي ويا وڪوڙي ويري، ڪکن تي ڪوسي رکي ويا ڪيري،
ڏُکي ڏُکي سا ٻري پئي آ، زبان رت سان ڀري پئي آ.

امان جي نس نس وڍي وئي آ، امان جي رڳ رڳ رڏي وئي آ،
گيا گيا ڦي چڙون پرون ڦا، پڱل ڦٽل کي ڳنيڍ ڳهرون ڦا،
جگر جليو دل ڳري پئي آ، زبان رت سان ڀري پئي آ.

هجي ڪو لمحو ٿئي نه غم ڪو، هجي مهينو سڙي نه سينو،
نه سال جو ڪو سوال آهي، سڄو ئي جيون وبال آهي،
سڄي حياتي ڪري پئي آ، زبان رت سان ڀري پئي آ.

## راهي چنا

### پٽ تي ٻاڪ

چٽنگ منجهان ڏس پنپٽ پڙڪيا
لات منجهان ٻي لات ٻري
ٻرهه پسڻ جي اوسيئڙي ۾
ڪليل رکي مون دل جي دري
ڪاري ڪاري رات ڪُٽي
هوءِ ڏس پٽ تان ٻاڪ ڦُٽي
ويرم ڪان پوءِ
سورج داتا ڪني ڪيڏي
ڪيرٽو ڪيرٽو گيت اٿيو
گيتن کي سنگيت مليو
ماڳ مليو من ميت مليو.

تنوير عباسي

## نظم

ناچ ۾
دائرا
گول گول
سير ۾ آ
ڪو خمار
راڪ رول، راڪ راڪ-رول رول*

پاڻهن چيلهه ۾ نه وجهه
هڪ قدم اڳتي کڻ
هڪ قدم پريرو
هڪ قدم پوئتي
مان وڻان توکي، تون
مون کي وڻ
ساز سان سُر ملاءِ
۽ سنيالي پير کڻ
ايترو نه ويجهو اچ
۽ نه ايڏو ٿيءُ پري
توڙي تنهنجي دل چوي
پوءِ به لڳ مون ڪري
ٿورو ٿورو فاصلو
آ ضرور
ٿورو ويجهو
ٿورو دور
منهنجي سامهون رهي
پوءِ به مون کي ڳول ڳول
دائرا گول گول
راڪ رول، راڪ راڪ-رول رول

منهنجي لئه تون سچُ جو
سيءُ ۾ پري پهو
مان جي ويجهو ٿو اچان
تو سڙي وڃي وجود
۽ پري ٿيان تو جي
چانئي روح تي جمود
ٿورو ٿورو فاصلو
ٿورو ٿورو فاصلو
ٿورو ٿورو قرب آ
جيترو به ٿي سگهي
اوترو قريب آءُ
تو تان اول گهول
ناچ ۾
دائرا
گول گول
راڪ رول-راڪ رول-راڪ رول.

---

* راڪ رول: اولهه جو هڪ ناچ؛ راڪ = لُڏ؛ رول = گول ڦير.

# استاد بخاري

## نرگس، جهڙا ڳوٺ پنهنجا سرگس کان سهڻا ڪبا

ميل(1) جا ماڻهو ته موتين، مشڪ کان آهن ڀلا
سون کان سچا ۽ چانديءَ کان چٽا
پر
کهٽي ڀاڳي اٿين سادا، جيئن تن جا ڏڳا.

هاڻ، ڏاندن کي ڊُڪائڻ ميل(2) ۾،
ڏاڍ، ڪين ٿي ٿا، ڏڪائڻ ميلَ ۾.
ڏاڍَ جي سنڌَ تي اٿين ويندا، جئين ڪنڌَ تي ڀڪها:
ڪُرڪندا
واڪا ڪندا
ڀر ڀي ستا.
ڪهر سندن اهڙا ڪنها جهڙا ڏُها.
(مالَ جي قوسين، مُڻاڳي جي سبب)

روڳن ۽ رڳڙن جو سيڪ
جيڏهن ڪيڏهن ڪيهل، کهي، رلجهه ڪينجهه.

کهر کهٽي ڀاڳي ڪچا - ڪوٽا
ڀتيون ڀيليون - ڳتيل ڀاڙا - اڱڻ سوڙها، مٽان،
ڪکڙن، سهن، ٻارن جا ڏڻ.

ٻار، اڪثر اڻ پڙهيا:
ٻير، ڦوٽا ۽ ڦريون
ڀڳڙا ڦڪا
ماليءَ ڳيا ڪٽندا، ڪسيندا ۽ چپيندا ٿا وتن
هڏولڻ سهڻا، موڏڙا ڀر ٻڪ ڪري آهن
وڏا - جيڏا ڪنڌا تيڏا لڏا.

ڳوٺ
واهڻ
شهر کهيرڊيل سيڪ ۾!
واهڻ ۽ وهمن جو سيڪ
ڦرڻ ۽ ڪسڻ جو سيڪ

ڪنهن جي هٿ ۾ آ ڪبوتر
ڪنهن جي ڪڇ ۾ ڪجهه سهاڙيءَ جا ٻچا.
ڇا جي ٿيي، ڇا ڪتاب؟
ٽاپ - ٽاپ. (ڊوڙ جو آواز)

---

(1) ميل: ساريال ڀاڳي کي چئجي ٿو. (2) ميل: ڏاندن کي گهوڙن وانگر ڊڪائڻ کي ميل يا ڏاندن جي ميل چئجي ٿو، جنهنجو مرض ميل طرف ڏاڍو آهي.



Gul Hayat Institute

ڪٽ قلم ۽ ڪٽ سليٽ؟
ليٽ- ھيٺ. (ويڙھ)

ڪھر لہ پر
ٻڪرين، رڍن جي واڙ آ،
روڄ، رلي ۽ راڙ آ.
ميل ساري ۾ سوين گهراهڙا مون آهن ڏٺا،
جي ٻچيل آهن انهي آزار کان
سي،
پيپ پريل آهن،
انهن جا خالزادا ٿا رهن، توڙي پڙهن
ڪنهن شهر ۾
يا ديس کان ٻاهر پري پرديس ۾.

پر
(ڏيهہ ڏوٺ جي سزا پرمار هٺ پوکين پيا)
ڳوٺ ڏي رستو ڪو ڇاجو؟
ڪچو ناهي نهيو.

بيل گاڏي وارو چارو پر ڏنل
جهاڪا
وڪڙ
ڪڙ پڙ
ٻڏل،
واٽ، بجليءَ جي تہ ڇا؟
فانوس ڪو ناهي آيو.

رات جي تارن جي ڏنڌلي روشني تي ڏمرڪذر-
سا بہ پيرن ۽ ڪنڊن جي ڳهات ۾ ڳهنجي ويل.
ٽالي، هودي
ڇاهي هوندي؟

هڪ ڪهنيءَ کان ٻي کهني چغدو- ڪنهي.
چٽ چنل اسڪول
جنهن جا ماستر صاحب بہ ساڳي ڳوٺ جا جوڳي
جوان، پيو ڇا چوان؟

ظلم جو مضمون ٽيندو ٿو وچي بيحد وڌو-
ڪنهن سامراجي راج جي چوڌير پکڙيل چار جان

مختصر
ها، مختصر ڪر لفظ ڪي ۽ عزم ڪي:
”ڪرپ جهڙا ڪهر ادن جا، رشڪ جي
قابل ڪيا
ارڪ جهڙا ڳوٺ پنهنجا سرڳ کان سهڻا ڪيا
ها- ڪيا،
بلڪل ڪيا،
مرحبا، اي تڪڙا تڪڙا انقلاب“

Gul Hayat Institute

# درمحمد پناڻ

## وايون

دايا ساري چاڪيءَ کهاڻو،
هيڪڙ هيڪل من وڃاڻو.

رات نه جاڻان رنگ ڪندي ڇا، جڏهن ته هيڙو سنجها ـ ٽاڻو.
ڪاڪ ڪنڌيءَ تي خاڪ آڏامي، ڪيئن ڪريان هت مومل ـ ماڻو؟
ڪيسين سور پيو تون ڏينديون؟ درد ته ناهي مکڻ ـ ڇاڻو؟
بادل پرچي ساگر تي وس، مانَ ملي ڪو موتيءَ ـ داڻو!
ڏيهن جا ڏاتار هلي آ، صبح اچي ڪر ساهه ـ سياڻو!

●

اَءُ پرين، اَءُ پرين، پوساتي هي باتَ،
وسري ويئي ڇا واتَ؟
سنهنجا منڙا ڪاڏا آهن، ڦوهه جوانيءَ ڦاتَ.
تو بن جوڀن هي انڌيارو، لڳ لڳ تنهنجي لاتَ.
تڪي تڪي هي اکيون ٿڪيون، کهر کهٽيون ۽ کهاتَ.
بادل بجليون پرچي آيا، چوڏس ٿيا چمڪاتَ.
ڪهر ۽ ور سان وري ورتيون، اوچا ڪن پيون ڳاتَ.

# سوز هالائي

●

Gul Hayat Instutute

تڙندا ڪاڪ ڪنول، او راڻل، تڏهين ملنداسين.

تارن پرڙي راتڙي، هوندي پيچَ پنلَ... تڏهين ملنداسين.
مينديءَ رتڙا هٿڙا، پنل نيڻ ڪجلَ... تڏهين ملنداسين.
نه ڪي پهرا پيار تي، نه ڪا هوندي جهلَ... تڏهين ملنداسين.
سرچي هونديون ساعتون، پرچي پوندا پلَ... تڏهين ملنداسين.
سپنا تنهنجا سايان، ايندي انگ اچلَ... تڏهين ملنداسين.

## نصير مرزا

### ڪليل ڊريءَ مان برباديءَ جو منظر

ڪهڙو نه شهر کنڊر ٿي ويو،
پڙيءَ ٻوڏ جي نذر ٿي ويو.

چپو چپو ٿي ويا لُڙهي هڙئي،
اجاڙ گهر جو ٻَدر ٿي ويو.

خوف آ ڇانئجي ويو چوڌس،
پڙپانگ پريو نگر ٿي ويو.

●

نه ڀي ديوار نه در آهي ڪنهن سان،
هوا ٽڪرائي سِر روئي ڪنهن سان.

جن جي لاتين سان ها ٻرندا وڻ ٽڻ،
ٿي سي ويا جلاوطن پکي ڪٺ.

●

(سانجهه آئي ته رُنو رت آڪاش
چهرو ڪرن ۾
لڪائي ٻيو
سڏڪي چنڊ
پاڻيءَ تي:
ڏسي نه سگهيو ٻڪڙيل لاش)

---

پائرو، پينرو، مائرو

لاشن تي، شهر ڪوئون اڏيو جڏهن،
ٻئين تباهيءَ کي، ياد نه ڪجو تڏهن.

## نور گهلو

### نظم

اڄ وري دل تي ٻئي آهي اُداس
اڄ وري دل تي لراسائين جي ازلي سانت وئي آ ڇانئجي
سالت ۾ هيڪل وياڪل مان روئڻ چاهيان ٿو؛ ٻر
لڙڪن جو ساگر چڻ سڪي ويو آهه
سُرڪن کي چيتي ويو آ چپن تي
ڪير؟

مان چاڻان نٿو

روح جي وادين ۾ چڻ ڪو
موت جو راڪاس ويو آهي گهمي

مان رڙڻ چاهيان ٿو ليڪن
ڪنهن گهُٽي آهي ڇڏيو منهنجو ڪَلو
مان ٻڌائڻ ٿو گهران: ”انسان آهيان.“

ڪو ٻُڌائي
دل جي هن وستيءَ کي ڪهڙي سَپ سراهيو؟!
ڪو ٻڌائي
ڪو... ٻ... ڌ... ا... ئ...



Gul Hayat Institute

# غزل

نينهن نگر آهي
برهه پهر آهي

ڏرتيءَ آتي ڏَڙ
ڏَڙ تي سَر آهي

تنهنجي ساروڻي
سَفَر ثَمَر آهي

يار تہ رت روئندا
ڪلنه وڪَر آهي

جيون هڪ لمبي
راهه گذر آهي

مينيءَ جو ڏيئو
شمس قمر آهي

لڙڪ ڦڙو ڳل تي
آلر ڀتَر آهي

وسنديءَ ۾ منهنجو
کهڙو کهر آهي

هو ڪولهي ڪو ٻر
جهڙو ڪر آهي

مٺان ساروڻڙن
چمَر چپَر آهي

امداد لہ هوله و
ڏات آمر آهي

هيڪل لاهيان مان
ورِهہ وَگر آهي

توسان چاهہ بہ جڻ
لوڪائي ڀَر آهي!

شهر: زهر لهجا، لقاب هر چهري تي ڀاتل
ڳوٺ: کهڻيون واقف، ماڻهو چاتل، ڏيک سچاتل

آڻي ڪاڏل ڪيڙي وانگي تَنَ تَنَ سپ تَن
ٽُٽل آنهري مَن، ٽڪرا چهرا جاتل اڻ چاتل

آءٌ لہ ڀيٽ ڏٺي، لہ ڪٻل وسنُو جو شهزادو
ڪنور رشتن جون زنجيرون پيرن ۾ ڀاتل

ڪُليل کهڻيءَ ۾ بند درين ۽ دروازن آڏو
ڦُٽل چپن تي ڳيتَ اهيئي ڳاتل اڻ ڳاتل

چِلڻا جيپَ جراثمل چيرو، سر تي سورج - چٽ
ڦُلڻ پيرن هيٺان راهون جاتل اڻ جاتل

ماليءَ پور ۽ ڪيڙي ٽڪرو، لاهي سپ جيون
جهون ڳَلَ ڳرهائيون، جيون ڳوڙها ڳل لاتل

Gul Hayat Institute

## ڪمپوزيشنز

• (حمد)

جڏهن تيز هوائون ٿي لڳيون
منهنجي من ۾ ڪوهه ڪولهه هو
سواءِ تنهنجي
او منهنجا رب!
مون ڪيڏي سِڪَ آڪير سان
ڌيان گيان سان
تنهنجي لاءِ
نظم ٿي لکيو
جڻ
اهو منهنجو
پهريون ۽ آخري نظم هجي!

• (پنجين ڀيت)

هر ڪمري کي
هونديون آهن ديوارون چار
پر آن ڪمري کي
پنج هيون ديوارون
چار پٿر جون
پنجين
هڏن جي ٽيڪي تي
رت ۽ ماس جي گاري سان
ٺهيل ديوار
بنا پيڙهه جي
بنا ڇت جي!

• (اوسيئڙو)

شام ٿي ولي آهي
رَتِ سَتِ اوڳاڇي
سِج ٻُڏي ويو آهي
مون ڏيئو جلايو آ
هو اڃا نه آيو آ

رات ٿي وئي آهي
چنڊ چوٽ تي آهي
۽ ڦُلا ستارن جا
هر دشا ٽڙيل آهن
وِلهه سيج تي ساڄن!
مُکڙيون کِڙيل آهن
سانت منجهه سنائي
جا ۽ سُر ڇِڙيل آهن
رُتِ ريت ريٽي آ
سِيتَ گيتَ سُڏڪن ٿا
سينڌ مون سجائي جا
ٿي وئي اجائي سا

رات ڏينهن پرڇاهو
لُڙڪ ماڪ جا روئي
مون ڏيئو اُجهايو آ
هو اڃا نه آيو آ!

Gul Hayat Institute

# سحرامداد

## غزل

ماروُ سوتيءَ مُلَ
ڇهڙو جانُن ڦُلَ
آهي ڳهڻ ٻُوسٽ
هير وانگيان گُهل

سين هٿن ٻٿر
تون ٿي هڻ کو ڪُلَ
سو ڪهڙي جي سُند
چولين وانگي چُل

دوزخ آهن کهر
هَل رستن تي رُل

ٻريس ٻارِ سيج
ڪابه سُرنگ ۽ پُل

دروازو اساهين
وڏي واکي ڪُل

رات هنئي ڪٿي
سيج ـ لغڙ ڏي ٻُل
الدلت رنگن ڇان؟
سلي ٿياسين ڪُل

ٻيلي منجهه ٻکهڙَ
ٻنيت ٻارِ مَ ٻُل
جيئڻ کهڙو جسُ
جاسين جيئين، جُل!

## (ٽيڙو)

ٽيرين ڪئي هئي ڪُوڪ
ٻهار ـ ڏور تائجي
ٽُٽي، جُڙڻ جي لاء

ٻيٺن ـ ٻي الڪير انگَ
جٺن ـ ي ٻوهٽ ـ ٻرَ تي
رِامل رِامل رلگَ

راند ڪريندو ڪيرِ
'سنڌيا' جو ٻوڙلدي
ڦتجي پيو آ ٻهرِ

ڪلندي ڪيئن لِڪن؟
ڊ ميلز ۾ قاتل لڙڪ
جهَولو جيڻ نه جُهانِ

سنڌي ادبي بورڊ پريس ورڪرز يونين پاران "مهراڻ" جي اڳوڻي ايڊيٽر امداد حسينيءَ جي مانَ ۾ ڏنل الوداعي پارٽيءَ جي موقعي تي ورتل ڪجهه تصويرون











ٻوردِ لڳل آهن: ڇا لکڻ کپي، ڇا نه لکڻ کپي.
ڪهڙا ٽي ورجون ـــ ٻوڙيون.
ٻر ڪنهن لاءِ؟
ڇو؟
پڙهندو ڪير؟
اڃا ٻه اٿين ته سمجهندو ڪير
تون ـــ مان!

●

تڏهن ٿي رات جي ٻوٿين ٻهر ريل جي ڪُوڪ انهيءَ تسلسل کي ٽوڙي ڇڏيندي هئي. ۽ کين احساس ڏيندو هو، ته رات ڪيڏي نه وهامي وئي آهي ـــ صُبح جو آفيس به ته وڃڻو آهي. ۽ هو ڪمري جون لائٽون وسائي ڇڏيندا هئا. پر تڏهن به سندن سُرٻات اولاهه کي روشن رکندا هئا.

●

جيڪڏهن ڪو به ليکڪ "سماج ـ سڌارڪ" بڻجڻ لاءِ، ادب جي چونڊ ڪري ٿو، ته اهو ٻنهي جو سڄڻ ڪونهي ـ نه ادب جو، نه ئي سماج جو. اهڙي ماڻهوءَ کي سڌو سنئون "سماجي ڪارڪن" وڃي ٿيڻ گهرجي ـ ۽ هن جو اهو عمل ادب ۽ سماج ٻنهي جي ڀلائيءَ وڏان ڏيندو!

Gul Hayat Institute

هوءَ اتان اٿي وڃي پنهنجي مڙس جي پر ۾ سُتي. بيڊ تي ليٽڻ کان پوءِ هُن پنهنجي مڙس ڏانهن ڏٺو، جيڪو گهري ننڊ ۾ گُم هو. سُتل مڙس تي هڪ نظر وجهي، هُوءَ پاسو ورائي ڇيٽن کان سوءِ ڪوهه دور پڪنڊڙ ڪنهن ويراني ۾ ننڊ جي پکيڙي کي ڳولڻ لڳي؛ پر ننڊ جو پکيڙو ته آڪاس جي الائي کهڙن تَهن ۾ وڃي لڪو هو. ٻاهر هوا تيز ٿي ويئي هئي. هوا جي تيز ٿي وڃڻ ڪري دريءَ جو پردو وري آڏامڻ لڳو هو. ٻاهران ڪٿان هڪ ٿي وقت ڪيترين ٻالڪن جو آواز اچڻ شروع ٿي ويو. (سنجهي مون نه سنڀاليو، صبح سارين سُورا) اسر مهل ٻالڪن جي انهن آوازن سان گڏ ڪي ٻيا آواز، زندگيءَ جي چُرپُر جا ڪيترائي آواز، سندس ڪنن ۾ ٽولجڻ لڳا، ته هُن خاموشيءَ سان ٻنا ڪنهن سوچ جي پنهنجون اکيون ٻوري ڇڏيون! اسُر جي ٿڌي ٿڌي هير ڪليل دريءَ سان ٽڪرائجي اچي ڪيس لڳي، ته هُن جون اکيون ٻاڻهي ٻُوتجي ويون!

●

”جيڪا ڳالهه هڪ ڀت ۾ چئي سگهجي ٿي، آها هڪ ڀت ۾ ڏي چوڻ کپي“. اسان وٽ صورتحال ان جي بنهه اَبتڙ آهي. تخليق، تحقيق ۽ تنقيد کي، جڏهن مٿين ڪسوٽيءَ تي پرکيو ويندو، تڏهن نه رڳو سَئون ۽ پر ڪوڙ صفحا، ڪتاب ۽ ڏيسز رد ڪرڻا پوندا!

ان حادثي منهنجي طبع تي اهڙو ڀُرو اثر وڌو، جو ڇهن ته مون کي جي جمعداري ملي، ته به مون کي پوليس جي نوڪري نه کپي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو صوبيدار صاحب کي استعيفا لکي ڏنم. صوبيدار مون کي گهڻو سمجهايو، جمعدار ۽ وڏي منشيءَ به مون کي چيو ته استعيفا نه ڏي؛ پر مون ڪنهن جي به نه ٻڌي ۽ ساڳئي ڏينهن ڳوٺ اچي پهتس ۽ خداوند جا شڪرانا بجا آندم، جو ان ظالم سروس کان آزاد ٿيس.

(هلندڙ)

---

● ["آتم ڪهاڻي" نثر جي هڪ بيحد نازڪ ۽ اهم صنف آهي؛ ان کي لياڻ لاءِ سچائي ۽ بيباڪي پهريون ۽ پويون شرط آهي. اها حقيقت آهي ته سنڌي ادب ۾ خاص ڪري گذريل ٽيهن ڏهاڪن ۾ هن صنف ڏانهن جوڳو ڌيان نه ڏنو ويو آهي.

هتي سائين محمد صادق ميمڻ جي "آتم ڪهاڻي" ڏيڻ جو مقصد اهو رکيو آهيءَ ڪوٽ کي پورو ڪرڻ آهي؛ ۽ ساڳئي وقت لکندڙن کي ان صنف ڏانهن ڌيان ڏيارڻ لاءِ آيارڻ پڻ آهي. هن "آتم ڪهاڻيءَ" ۾ ان وقت جي حالتن، ماحول، ڪردارن ۽ انهن جي سياءِ، ڪُڏين سماجي رسمن جي ڇيت ڇنڊ سان گڏوگڏ، اڪيلي ماڻهوءَ جي جيئڻ ڪارڻ جاکوڙ جو ورنن آهي.

آس اٿم ته "مهراڻ" جا پڙهندڙ ان کي دلچسپيءَ ۽ ڌيان سان پڙهندا.

—امداد]

Gul Hayat Institute

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (قسط ٢)

# قاضي قادن

”تماهي مهراڻ“ جي گذريل پرچي ۾، ”قاضي قادن جو ڪلام“، تي پنهنجا ويچار عرض رکيل آهن. هيٺر جو ڪجهه وڌيڪ نظر آيو آهي، سو پيش ڪجي ٿو.

[بيت 19]

ڪي ويجهائي ڏور، ڪي ڏورئي وَلها،
هوئي جَرَ سالُور، لَڏي نه ڪنو لاههِ ڪَرَ.

شري اڏوڪر معنيٰ لکي ٿو:

ڪي نزديڪ هوندي به، دور ٿين ٿا، ڪي دور هوندي به پيارا ٿا لڳن. ڏيڏر پاڻيءَ (تلاءَ) ۾ رهندي به ڪڏهن ڪنول جي مڪ نه لڌي آهي.

ولها= پيارا (ولڀ).

اڏوڪر صاحب ”ولها“ جي معنيٰ ”پيارا“ ڪئي آهي، ۽ ڏيکين ٿو ”ولها“ جو سنسڪرت لفظ ”وَلڀ“ به لکيو اٿس.

مطلب اهو نڪتو ته: ولها=پيارا. ولهو=پيارو.

شاهه پنهنجي به ”ولها“ ڪم آندو آهي:

1. وَتِ سورينڌي وَلَها! ويو تهل ٻَرِي،
سوٽ مسافر سپرين! چالڪي تي چڙهي،
راڻي لاءِ رڙي، ويٺي وِهامي راتڙي.
(مومل - راڻو)

2. ڪين تراڻ، ڪين تار مون، ڪين سگهان،
ڪين سگهه،
آڏو ڏيج مَ لڳ، مون هيڪليءَ، وَلَها!
(سهڻي)

Gul Hayat Institute

علم ۽ تهذيب جو دؤر شروع ٿيو. سنڌ جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ديني علمن سان گڏ سنڌي ٻولي پڙهائڻ جو به ڪم شروع ٿيو. هن دؤر ۾ نظم سان گڏ نثر پڻ باقاعدي وجود ۾ آيو. **سر رچرڊ برٽن** سنڌي ادب جي باري ۾ لکي ٿو ته "سنڌي ادب لاءِ بغير تردد جي چئي سگهجي ٿو ته جنهن وقت اسان هندستان ورتو ته ان وقت ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ايترو ادب ڪونه هو، جيترو سنڌي ٻوليءَ ۾ هو. سنڌي ٻوليءَ جو غالب حصو ترجمن تي مشتمل هو، جي عربيءَ جي مذهبي ڪتابن تان ڪيا ويا آهن. نثر ۾ به اسين مسلمانن جي ذري گهٽ سڀني علمن جا ترجما ڏسون ٿا، جي عربي ۽ فارسيءَ تان ورتا ويا آهن".

## آخوند عزيزالله جي زندگيءَ جو احوال:

آخوند عزيزالله سنڌ جي قديم تاريخي شهر مٽياري جو رهاڪو هو. آخوند صاحب سن 1160هه/1746ع ۾ ڄائو هو. آخوند عزيزالله جي والد جو نالو قاضي ميان محمد ذاڪر هو. قاضي صاحب پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ صاحب علم بزرگ هو. آخوند صاحب جا وڏا اصل ۾ ٺٽي نگر جا ويٺل هئا. سندس وڏن جو ڪم درس ۽ تدريس جو هو، ان ڪري آخوند سڏجڻ ۾ آيا. مرحوم محمد صديق ميمڻ، آخوند صاحب کي ذات جو "ميمڻ" ڪري لکيو آهي، جيڪو غلط آهي(3). ميون قاضي احمد صاحب جي چوڻ موجب ته آخوند صاحب جي اصل ذات جي باري ۾ ڪابه خبر نه آهي، پر سندس خاندان "قاضي" ڪري سڏبو آهي ۽ اڄ سوڌو مٽيارين جي شهر ۾ سندن پاڙو قاضي آخوندن جي نالي سان سڏبو اچي. هن گهراڻي مان اڪثر سڀ ئي وڏا عالم، محدث، مفڪر ۽ فقيه ٿي گذريا آهن. آخوند عزيزالله مٽيارين ۾ ابتدائي تعليم، قرآن پاڪ ۽ مروج سنڌي پنهنجي ئي گهر ۾ حاصل ڪئي. ابتدائي تعليم پرائڻ کان پوءِ آخوند صاحب ان زماني جي مشهور عالم مولوي محمد عثمان وٽان ديني تعليم حاصل ڪئي. مخدوم مولوي محمد عثمان مٽيارين جو وڏو جيد عالم ٿي گذريو آهي(4). اهڙيءَ طرح سان آخوند عزيزالله علم حديث، فقه، تفسير، تصوف ۽ معقولات ۾ وڏي مهارت حاصل ڪئي. مخدوم عبدالڪريم مٽيارين وارو سندس همعصر ۽ هم مڪتب هو(5). آخوند عزيزالله لواري شريف(6) جي بزرگن جو مريد هو ۽ کيس روحاني فيض به اتان ئي حاصل ٿيو هو. آخوند صاحب تعليم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ لواري شريف جي مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪندو رهيو ۽ پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو حصو انهيءَ مشغلي ۾ پورو ڪيائين. آخوند عزيزالله صاحب سن 1240هه/1824ع ۾ هن سراءِ فاني مان رحلت ڪئي. لواري شريف ۾ پنهنجي مرشدن جي پاڙي ۾ مدفن ٿيو. سندس مزار جو هن وقت ڪوبه پتو ڪونه ٿو پوي. سندس پوين مان قاضي ميون احمد حال حيات آهي ۽ نصرپور ۾ مولوي عبدالحق صاحب جي مدرسي ۾ پڙهائيندو آهي(7).

Gul Hayat Institute

هڪ قدر اڳتي وڌائيندي ڪوزنس لکيو ”ميرپورخاص ٿل کي پنهنجي اڏاوت جو واحد مثال سمجهڻ محض خام خيالي ٿيندي ڇو ته، ساڳئي طرز جي اڏاوت، سرن تي اڪرائي ۽ مورت سازي ان ڳالهه جو مظهر آهن ته ٿل مير رکن، ٿل ڏيپر گهانگهرو، ۽ سوڏرن جو ٿل هڪئي فن تعمير سان مشابهت رکن ٿا“ (30).

سنڌ جي جملي ٿلن جي برابري آثار قديمه وارا اجهو هيئن ٿا ڪن، ”آخر ۾ هي چئبو ته ٿل ميرپورخاص ۽ سنڌ جا جملي ٿل هڪئي نموني جا نهيل آهن ۽ هي ظاهر ڪن ٿا، ته قدامت جي لحاظ کان به هڪئي عمر جا آهن. نقش نگار، سرن جو استعمال، جنرل ڪننگهام پنجاب ۾ به ڏٺو هو، جن تي اکر به لکيل هئا. اهڙئي قسم جا به ٽوٽا مون ٿل مير رکن وٽ به ڏٺا هئا، جن تي به ساڳئي قسم جا اکر لکيل هئا. شورڪوٽ (پنجاب) جي سرن تي لکيل اکرن جي آڌار تي سنڌن زمانو A.D. 319-97 مقرر ڪري سگهجي ٿو(31).

سنڌو ماٿريءَ ۾، ٻڌمت جي جملي اڏاوتن بابت ماهرن لکيو: ”سنڌ جا جاتل سڃاتل ٿل جهڙوڪ ٽنڊي محمدخان جي پرواروٿل، جهڙوڪ ميرپورخاص، ڏيپر گهانگهرو ۽ ٿل مير رکن سنڌوماٿر ۾ هڪ پوري سلسلي جي نشاندهي ڪن ٿا. ان کان به پري ته، بهاولپور (جتي ڪانشڪا جو ڪتبو مليو هو) يا پنجاب ۽ ڪشمير جا ٻڌمت جا آثار بلڪل هڪ سلسلي جي نشاندهي ۽ پٺڀرائي ڪن ٿا (32).

## (4) فزيڪل بناوت:

سنڌ جا جملي استوپاز ٻڌمت جا چڱا يادگار آهن، پر آثارقديمه وارن جي نظر ۾ ٿل مير رکن کي تمام گهڻي اهميت مليل آهي. ڪوزنس لکيو:

It is the only Stupa in Sindh, so far as we are at present aware with so complete a towor.

ڪرسچن ايرا جي شروع ۾ نهيل هي بهترين ٿل، 20 صدي تائين ڇو محفوظ رهيو؟ ان لاءِ ڪوزنس کهڙو نه سچ لکيو آهي:

Its material was found very useful by the contractors.

سندس بناوت ڪيئن رٿي ويئي، يا بنياد ڪهڙي نوع جو آهي:

That it had a great square Basement, as at the M. Khass one, which was 66 ft square.

اجا به اڳتي هلي لکي ٿو:

It is a solid cylinderical structure slightly tepering towards the top, about 60 ft high, which is constructed, so for, as acts outward casing is concerned, of excellent burnt brick.



Gul Hayat Institute

معاشري جي تمدن ۽ تهذيب جي تصوير چٽيءَ طرح سان چٽيل آهي. ڀاڪا پراڻا هجن توڙي لوان، سيئي معنيٰ خيز ۽ ٻرمقصد آهن. هي عاقلن جا قول ۽ سياڻن جا ٻول آهن:

ڏاتار آت مگٿا، سٿر آت هنس،
راجا آت رهاٿيون، مورک آت ٻحث.

هي قديم زماني جي انساني حڪمت عمليءَ جا عجيب اهڃاڻ آهن، جن تي هراڻي زماني جي بنيادي فلاسافي توڙي جديد فلسفي جو بنياد رکيل آهي.

هي ڀاڪا چڱن جون چوڻيون آهن، جن ۾ اوس چڱائي آهي ۽ جو چڱا چون سو سچجي، اهائي صحيح حڪمت عملي آهي. چين ۾ ڪنفيوشس جا قول ۽ هند ۾ مهاتما گوتم ٻڌ جا گفتا وڏي اهميت رکن ٿا.

## ٻبلوگرافي


(1) History of 'Man Kind' By Sir Leonord woolly, Unesco 1963.

(2) Encyclopedia of Birtinica.

(3) Encyclopedia of America.

(4) Encycloyedia of Ethic and Religion.

(5) شاهہ جو رسالو: علامہ آء. آء. قاضي، سنڌي ادبي بورڊ.

(6) خليفي نبي بخش جو رسالو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ.

(7) پيلاين جا ٻول: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد.

(8) ٽماهي مهراڻ 1-4، 1968ع پراڪرتي شاعري ۽ قديم سنڌ: پروفيسر محرم خان.


Gul Hayat Institute

